# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1982
# SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1982
# سنڌ ڪائونسلز (ٽيڪس ۾ توثيق) آرڊيننس، 1982
# THE SIND COUNCILS (VALIDATION OF TAX) ORDINANCE, 1982

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. ڪن وصولين جي توثيق
Validation of certain recoveries

# سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1982

## SINDH ORDINANCE NO. VIII OF 1982

# سنڌ ڪائونسلز (ٽيڪس ۾ توثيق) آرڊيننس، 1982

# THE SIND COUNCILS (VALIDATION OF TAX) ORDINANCE, 1982

[5 جولائي 1982]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979، يا ان جي تحت ٺاهيل قاعدن جي مطابق لاڳو ڪيل، وصول ڪيل ۽ حاصل ڪيل ڪن ٽيڪسن، اگهن، ٽولز يا فيس ۾ توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 جي قاعدن تحت ڪن ٽيڪسن، اگهن، ٽولز جي فيس، يا اضافي چارجز جمع ٿيل يا حاصل ٿيل ۾ توثيق ڪئي ويندي:

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هي آرڊيننس ٺاهي لاڳو فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪائونسلز (ٽيڪس ۾ توثيق) آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

گھٽين وصولين جي توثيق Validation of certain recoveries

2. ان ڪانسواءِ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 سنڌ ڪائونسلز رولز 1979، ۽ ڪنهن عدالتي فيصلي ۽ حڪم ۾ موجود ڪنهن شئي جي خلاف هجي، تہ:

(a) 3 جون 1980 تي يا ان کان ڪائونسل پاران لاڳو يا جمع ڪرائي وجي ڪنهن بہ ٽيڪس، ريٽ يا فيس کي توثيق تصور ڪيو ويندو.

(b) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان پهريان کان ٽيڪس، اگهہ يا فيس ادا يا لاڳو نہ ڪئي وئي هجي تہ ان آرڊيننس جي قاعدن جي حساب سان اها وصول ڪئي ويندي.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**